# گرامر

## پاڱو پهريون
## درجي چوٿين لاءِ

ٽئين ڪورس موجب منظور ڪيل

سال ۵۶-۱۹۵۷ع　　　　قيمت ۰-۴-۰

تيار ڪيل :-
مسٽر قلندر بخش "عاصي" رٽائرڊ اسسٽنٽ
ڊپٽي ايجوڪيشنل خيرپور

ڇپائيندڙ :-
ماسٽر جي بوڪ اسٽال خيرپور ميرس

ڇپيندڙ :-
الحجاز پرنٽنگ پريس فريئر روڊ سکر

# پاڳو پهريون

## درجي ~~چوٿين~~ ستين لاءِ

نئين ڪورس موجب منظور ڪيل

سال ۵۶-۱۹۵۷ع قيمت ۰-۴-۰

تيار ڪيل:-

ماستر قلندر بخش "عاصي" رٽائرڊ اسسٽنٽ

ڊپٽي ايجوڪيشنل خيرپور

ڇپائيندڙ:-

ماستر-جي بوڪ اسٽال خيرپور ميرس

ڇپيندڙ:-

اعجاز پرنٽنگ پريس فريئر روڊ سکر

# گرامر ڀاڱو پهريون

## درجي چوٿين لاءِ

سڀ ڪا ٻولي اکرن سان شروع ٿئي ٿي ۽ هر هڪ ٻولي جا اکر جدا جدا آهن

اسانجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاونجاهه اکر آهن جيئن ته:- الف . ب . ٻ . ڀ وغيره.

اکرن جي ملائڻ سان لفظ ٿين ٿا. لفظ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه اکر ٿين ٿا جيئن ته اک، مک، پٽ، ڪٽ وغيره. ٻن کان زياده اکر گڏجي وڏا لفظ ٺاهين ٿا تنهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ ٻن يا وڌيڪ اکرن جي ميڙ کي لفظ چئجي ٿو.

ٻه يا وڌيڪ لفظ ملائبا ته جملو ٿيندو جيئن ته:- پٽ اٿو، اک پٽ، اما ڏڌ ڏي، ڇوڪر صون کاڌ وغيره.

ٻن يا وڌيڪ لفظن جي ميڙ کي جملو چئجي ٿو.

جملي جا ٻه قسم آهن (١) پورو جملو (٢) اڻپورو جملو. پورو جملو اهو آهي جنهن مان مطلب پورو نڪري جيئن ته ڇوڪر ڪتاب پڙهي ٿو. رضيه ماني کائي ٿي وغيره.

جي ڌارين جو بادشاهه آهي (٣) ٻلي ڪڪڙ ماري ٿي (٤) طوطو ۽ ڪانءُ وڻ تي ويٺا آهن.

ساهوارن جي نالن چوڻائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ ساهوارن جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي."

بورڊ تي جملا لکو ۽ شين جا نالا چوڻايو جيئن ته:-

(١) غلام حسين جو چاقو تکو آهي (٢) مس ڪپڙي ۽ قلم ڪٺي ڪاپي لک (٣) ميز تي گهڻا ڪتاب رکيا آهن (٤) دڪان تي اڏوهه، چانور، کنڊ ۽ داليون رکيل آهن.

چوڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ شين جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي."

بورڊ تي جملا لکو ۽ جاين جا نالا چوڻايو جيئن ته:-

(١) ڇوڪر ۽ ڇوڪريون اسڪول ڏانهن وڃن ٿا (٢) سڀ ڪلارڪ آفيس ۾ ويٺا آهن (٣) ريل گاڏي اسٽيشن تي آئي آهي (٤) ماڻهو مارڪيٽ ۾ ڀاڄي وٺن ٿا.

جاين جي نالن چوڻائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ جاين جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي."

بورڊ تي جملا لکو ۽ خاصيتن جا نالا چوڻايو جيئن ته:-

اُهو پورو جملو آهي جنهن مان پورو مطلب نڪري سگهي جيئن ته محمد عرس ڪاڙهي، ساران ڪپڙا وغيره.

سڀڪا ٻولي گرامر موجب سهڻي ليکي وڃي ٿي ۽ ان جو مدار گرامر تي آهي؛

گرامر اهو علم آهي جنهن مان خبر پوي ٿي ته ٻولي صحيح ۽ برابر ڪيئن ڳالهائجي، لکجي ۽ پڙهجي.

گرامر کي عربي ۾ صرف ونحو ۽ سنڌي ۾ وياڪرڻ چوندا آهن.

اسان جي سنڌي ٻولي ۾ ڳالهائڻ جا لفظ گرامر موجب اٺن قسمن ۾ ورهايل آهن.

(۱) ”اسم“ (نالو)

بورڊ تي جملا لکو ۽ ماڻهن جا نالا چونڊايو جيئن ته:-

(۱) جعفر اڄ سکر ويو (۲) سڪينه اسڪول وڃي ٿي. (۳) شيرمحمد هر ڪاهي ٿو. (۴) ساران ڪپڙا سبي لبي.

ماڻهن جي نالن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته ”جيڪي لفظ ماڻهن جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي.“

بورڊ تي جملا لکو ۽ ساهوارن جا نالا چونڊايو جيئن ته:-

(۱) ٻاٻي جو گهوڙو عمدو آهي (۲) شينهن جهنگ

| | |
|---|---|
| ماڻھن جا نالا :— | رمضان، قاسم، هرلال، فاطمه، گلي ساران، ڪرشن، راڌي وغيره. |
| ساھوارن جا نالا :— | ڪبوتر، سوئر، ڇيرڪي، ڳيرو، باز ڳجھ، ڪڇڙ، بگھڙ، گدڙ وغيره. |
| شين جا نالا :— | ڪرسي، ميز، ڪتاب، تلهو، ڦٽي صوف، توت، گوشت، ڀاڄي وغيره. |
| جاين جا نالا :— | اسپتال، دڪان، ڳوٺ، شهر، مندر ٿاڻو، ٽڪ، واڙو وغيره. |
| خاصيتن جا نالا :— | داناڻي، چالاڪي، ايمانداري، وفاداري گرمي، سردي، وڏائي، ننڍائي وغيره. |
| ڪمن جا نالا :— | کاوڻ، الڻ، گهمڻ، اچڻ، رهڻ، ڪيڏڻ، ڳائڻ، ڊوڙڻ، هلڻ وغيره. |
| حالتن جا نالا :— | اميري، فقيري، غمگيني، آسودگي ڏپ، ڏڪڻي وغيره |

## "اسم"

"اهڙا لفظ جي نالا هجن ماڻهن، ساهوارن، شين جاين، خاصيتن، ڪمن ۽ حالتن جا تن کي اسم چئبو آهي." (اسم معنيٰ نالو)

## (٣) "صفت" (گڻ ساراهه ٻڌائيندڙ)

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي ٻارن کان اسم جو گڻ (چڱائي) ڏيکاريندڙ لفظ چورايو جيئن ته :-

(١) بابر بهادريءَ سان هندستان ورتو (٢) محمد عثمان ڏاهپ سان دشمن کي مات ڪيو (٣) اشرافت سان هلڻ ڪري ماڻهو نيڪ نام ٿئي ٿو (٤) سستي انسان کي بيڪار بڻائي ٿي .

مٿين چونڊ ڪانپوءِ پارن کي پڙهايو ته "جيڪي لفظ خاصيتن جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي ."

بورڊ تي جملا لکو ۽ ڪمن جا نالا چونڊايو جيئن ته :-

(١) لکڻ ۽ پڙهڻ جو چاهه رک (٢) گهڻو کائڻ بيمار ڪري ٿو (٣) اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ فضيلت سک (٤) ٿوري ڳالهائڻ ۽ سمهڻ جي عادت رک .

ڪمن جي نالن چونڊائڻ بعد پارن کي پڙهايو ته "جيڪي لفظ ڪمن جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي"

بورڊ تي جملا لکو ۽ حالتن جا نالا چونڊايو جيئن ته :-

(١) تندرستيءَ جو قدر بيماريءَ ۾ ٿئي ٿو (٢) ڪي ماڻهو مسڪينيءَ ۾ سخاوت ڪندا آهن (٣) شاهوڪاريءَ ۾ ڌڻي تعاليٰ کي نه وساريو (٤) خوشي ۽ غم انسان سان هميشه شامل آهن .

حالتن جي نالن چونڊائڻ بعد پارن کي پڙهايو ته "جيڪي لفظ حالتن جا نالا آهن تن کي اسم چئبو آهي ."

بورڊ تي جملا لکي اسم جو قسم ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو :-

(١) سنڌي ماڻهو گهڻو ڪري نرم ٿين ٿا (٢) ٺاڪرو ڪانءُ ڪارو ٿئي ٿو (٣) عربي گهوڙو سهڻو ٿئي ٿو (٤) جهنگلي جانور شينهن زور وارو آهي .

قسم ڏيکاريندڙ لفظ چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو تہ " جيڪي لفظ اسم جو قسم ڏيکارين ٿا تن کي صفت چئجي. "

بورڊ تي جملا لکي اسم جو قد يا مقدار ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو .

(١) ننڍو ڇوڪر ماءُ کي پيارو لڳندو آهي (٢) احمد سڀني ڇوڪرن ۾ ڊگهو آهي (٣) سياري ۾ ٿلها ڪپڙا پائبا آهن (٤) سرءَ جي مند ۾ ٿورو ڪاڙو ڪاڙهي (٥) سنهي قلم سان اکر نہ لکو (٦) هيءَ اڇي ماڙي آهي .

قد يا مقدار ڏيکاريندڙ لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو تہ " جيڪي لفظ اسم جو قد يا مقدار ڏيکارين ٿا تن کي صفت چئجي . "

گڻ ڏيکاريندڙ لفظ :- سٺو، چالاڪ، هوشيار، محنتي لائق، سٺو، پهلوان، ڪاريگر وغيره .

(١) عنايت الله چڱو ۽ ايماندار آدمي آهي (٢) گلاب جو سهڻو گل ٽٽي پيو (٣) اوهان وارو پلو اڄ ڪالهه وڪامي ويو (٤) عمدي شئي سڀ ڪي پسند آهي.

مٿين جملن مان ڳڻ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ اسم جو ڳڻ ڏيکارين، اهي تن کي صفت چئجي."

پوءِ ٽي جملا لکي ٻارن کان اسم جو اوڳڻ (برائي) ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو جيئن ته:—

(١) ڪڌو ۽ ڪوڙو ماڻهو بڇڙو آهي (٢) خراب ڇوڪرن جي سنگت کان پاسو ڪريو (٣) ڇڪل کٽولي تي نه ويهه (٤) لچو شاگرد استاد کي نه وڻندو آهي.

مٿين جملن ۾ اوڳڻ ڏيکاريندڙ لفظن چونڊائڻ ڪانپوءِ ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ اسم جو اوڳڻ ڏيکارين ٿا تن کي صفت چئبي ٿو."

پوءِ ٽي جملا لکي اسم جو انداز ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو:—

(١) ميز تي اٺ ڪتاب رکيا آهن (٢) هونئن کي ٻه سليٽون کپن (٣) وڻ ۾ گهڻا انب بيٺا آهن (٤) ڪيترا آدمي ميلي تي وڃن ٿا."

انداز ڏيکاريندڙ لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ اسم جو انداز ڏيکارين تن کي صفت چئبو آهي."

(٤) ماڻهو (ماڻهو) رستي تي (٤) ماڻهوءَ (جيڪو) رستي تي
ڪڏيو هو، (ماڻهو) هاٿي آندو آهي. ڪڏيو هو
(سو هاٿي آندو آهي)
(٥) عرس (عرس) ڏٺي سلامت (٥) عرس (ڏٺي هوندي) سلامت پڳي آهي
پڳي آهي.
(٦) هٿ (چوڪر) آندو هو (٦) هٿ (ڪو) چوڪر آندو هو

ٻارن کي ڏسڻ ۾ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته پهرئين نموني وارن جملن کان ٻئي نموني وارا جملا برابر ۾ وڻندڙ لڳن ٿا. پهرئين نموني ۾ محمد حسن ۽ جاڪرخان ۽ ڪتاب ۽ ماڻهو ۽ عرس ۽ چوڪر نالا آهن جن کي اسم چئجي ٿو. انهن اسمن جي بدران ٻئي نموني وارن جملن ۾ ڪمر وار هو ۽ توهان ۽ اهو ۽ جيڪو سو ۽ ٻنهي ۾ ڪو ڪم آيل آهن جي رڳو ٻڌڻ سهڻا لڳن ٿا.

ٻارن کي ٻڌايو ته اسم جي بدران جيڪ لفظ ڪم اچن ٿا تن کي ضمير چئجي.

ٻارن کي جيئن جيئن جملن ۾ اسم جي بدران ڪم ايندڙ لفظن جو گهڻو استعمال ڏيڻ ۾ اچي جيئن انهنکي پوريءَ طرح معلوم ٿي وڃي ته اسم جو عيوضي ضمير آهي.

ضمير جا ڪي مثال:- آءٌ، مان، مون، تون، توهان
توهين، اوهان، اسين، اهو،

اوڳڻ ڏيکاريندڙ لفظ:- ڪنو، ڪڻو، پڳل، ٻاٺو، هراڙو
ٻيڙو، ظالم، سست وغيره.

انداز ڏيکاريندڙ لفظ:- ٻه، ستن، چار هزار، ڏيون، چوٿو
اڌ، منو، گهڻا، ڏووا وغيره

قد يا مقدار ڏيکاريندڙ لفظ:- ٻندرو، قد آور، اتا هون.
ڊسو، گهٽو، ويڪرو
سوڙهو وغيره.

## صفتون

اهڙا لفظ " جي اسم جو گڻ، اوگڻ، انداز، قد
يا مقدار ڏيکارين ٿا تن کي صفت چئجي. *
صفت معنى گڻ، ساراهه، بيان.

(٣) ضمير (ظاهر اسم جو عيوضي)

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي ٻارن کان برابر ۽
وٺندڙ جملا چوائجو.

نمونو پهريون (١)                    نمونو ٻيو (٢)

(١) محمد حسن اسڪول ويو هو (٢) محمد حسن اسڪول ويو هو
ٻ (محمد حسن جلدي موٽي آيو ٻ (هو) جلدي موٽي آيو.
(٢) چاڪرخان! (چاڪرخان) (٢) چاڪرخان (تون) جلدي
يڪدم موٽي اچ.                    موٽي اچ.
(٣) مون ڪالهه ڪتاب ورتو هو (٣) مون ڪالهه ڪتاب
ورتو هو ٻ (ڪتاب) ڦاٽل هو.          ٻ (اهو) ڦاٽل هو.

(١) فاطمه گهر جو ڪم ڪري ٿي (٢) علي نواز ڪاپي لکي ٿو (٣) درزي ڪپڙا سبي ٿو (٤) ڪڙمي هر ڪاهي ٿو.

ڪم جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي فعل چئجي"

هيٺيان جملا بورڊ تي لکي اهي لفظ چونڊايو جي ڏيکارين ته ڪهڙو ڪم ٿيو آهي يعني سهڻ جي معنيٰ ڏيکارين.

(١) شمر خان هرڻ کي ڪٺو (٢) نهال عرس هٿان مارجي ٿو (٣) بورڊ هاڻي کهڙجي ٿيو (٤) چاڪر خان جو مال چورن هٿان ڦرجي ويو.

سهڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظن چونڊڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ سهڻ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي فعل چئجي."

هيٺيان جملا لکي ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو.

(١) اڄهو هاڻي ڏينهن ٿئي ٿو (٢) اسالڪو اتهان ڪالهه ٿيو (٣) ڏک ۾ پنهيان سک ضرور ٿيندو (٤) سورن جا ڏينهن ٿورا ٿيندا آهن.

ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊائڻ بعد ٻارن

اهو، پاڻ، خود، ٻنهي،
ڇا، ڪير، ڪهڙو، جو،
جيڪو، سو، تنهن، ڪو،
ڪنهن وغيره.

## ”ضمير“

”اهي لفظ جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن ٿا سو لکين تن کي ضمير چئجي،“ ضمير معنيٰ ظاهر اسم جو عيوضي.

## (۴) فعل (ڪم ڪرڻ)

بورڊ تي جملا لکي ٻارن کان گهربل لفظ چونڊايو.

هيٺين جملن ۾ هئڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو.

(۱) هاڻي آءٌ گهر ۾ آهيان (۲) علي خان اسڪول ۾ هو (۳) جعفر دڪان تي هوندو (۴) اسين آفيس ۾ هوندا سين. جملن جي ليڪ ڏنل وارا لفظ هئڻ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

ٻارن کي ٻڌايو ته ”جيڪي لفظ هئڻ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي فعل چئجي.“

بورڊ تي جملا لکي ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو.

پورڻ جي معني ڏيکاريندڙ لفظ:- ٻيو، ٻيا، ٻيون ٿا، پوندا، پوليون وغيره

(فعل = ڪم، فاعل = ڪم ڪندڙ، مفعول = جنهن تي ڪم جو اثر اچي)

”خلاصو“

اهڙا لفظ جي جملي ۾ هڻڻ. ڪم ڪرڻ، سهڻ لڳڻ ۽ پورڻ جي معني ڏيکارين ٿا تن کي فعل چئبو.
فعل معني ڪم ڪرڻ.

(۵) ”ظرف“ (فعل جو پورائو)

هيٺيان جملا پڙهو تي لکي اهڙا لفظ چونڊيو جن جو لاڳاپو فعل سان هجي.

(۱) آءٌ هاڻي اچان ٿو. (۲) توهين پوءِ ايندؤ.
(۳) وهين اتي ويٺو. (۴) ڇوڪرا هوڏانهن ويندا.
(۵) اسين تڪڙو وڃون ٿا. (۶) توهين ڏاڍيان ڳالهايو.
(۷) مون حساب ڪولي ڏنو. (۸) ڇوڪرا خاموشيءَ سان پڙهندا.

ٻارن کان فعل سان لاڳاپو رکندڙ لفظن چونڊي انهن بعد سوالن رستي پڇا ڪريو ته اهي لفظ ڇا جي معني ڏيکارين ٿا.

معني معلوم ڪرائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته ”اهڙا لفظ جن جو لاڳاپو فعل سان آهي ۽ انهن مان نمبروار وقت، جاءِ، ريت، قدر ۽ مقدار جي معني ڏيکارين ٿا تن کي ظرف چئبو آهي.

کي ٻڌايو ته ”جيڪي لفظ ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکارين تن کي فعل چئجي.“

پورب تي جملا لکي هوڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊايو.

(١) اڄ ڏاڍو سيءُ پيو آهي (٢) هاڻي مينهن تڪڙو پوي ٿو (٣) جهڙ نه ٿئي ها ته مارو پوي ها (٤) ڪوڙ ڳالهائڻ مان آخر نقصان پوندو.

هوڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته ”جيڪي لفظ هوڻ جي معنيٰ ڏيکارين تن کي فعل چئجي.

هئڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- آهي، آهن، آهيان، آهيون، هو، هوندو، هونداسين، هوندين،

ڪرڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- پڙهن ٿا، لکن پيا، ڊوڙندا، سمهن ٿا، ترن ٿا، اڏندا، هڻن ٿا، سمن پيا، کيڏيندا، ڳاهن پيا وغيره.

ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- ٿيو، ٿئي، ٿيون، ٿيندو، ٿيندا، ٿينديون وغيره

جاءِ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- هت، اُت، جت، ڪٿ، هيٺ، مٿي، اندر، ٻاهر، چوگرد آسپاس، هيڏي، هوڏي وغيره.

ريت قدر جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- مس مس، هرو ڀرو، هوريان، ڏاڍيان تڪڙو، ڍرو، آهستي، ڌيرو، چا ايون، هرگز، ٻيا وغيره.

ناڪار جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- نه، ڪونه، ڪين ڪانه، ۽ وغيره

## "ظرف"

اهڙا لفظ جي جملي ۾ فعل، صفت ۽ ٻين ظرف سان لڳن ۽ منجهان انهن وقت، جاءِ، ريت قدر ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف چئجي. ظرف معنيٰ فعل جو پورائو.

### (٦) حرف جر، (ڇڪيندڙ يا ملائيندڙ اکر)

| نمونو پهريون | نمونو ٻيو |
|---|---|
| (١) وهاڻو کٽ رکيو آهي. | (١) وهاڻو کٽ (تي) رکيو آهي. |
| (٢) ميز رول ڪر. | (٢) ميز (تان) رول ڪر |

نوٽ:- ٻارن کي جدا جدا گهڻا جملا لکي فعل سان لاڳاپو رکندڙ لفظن جو استعمال ڏيو ۽ انهن جملن ۾ هر هڪ معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ (وقت، جاءِ، ريت، قدر ۽ ناڪار) گهڻي انداز ۾ اچن.

پوءِ ٿي جملا لکي انهن لفظ چونڊايو جن جو لاڳاپو صفت سان هجي.

(۱) هيءُ انب تمام مٺو آهي (۲) ليمون ڏاڍو کٽو ٿئي ٿو (۳) توهين مس هوشيار ٿيو آهيو (۴) گوپال هرڪو مٺو انب ڦٽو ڪيو.

لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته هي لفظ صفت سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا تن کي ظرف چئبو آهي.

پوءِ ٿي جملا لکي انهن لفظ چونڊايو جن جو لاڳاپو ٻئي ظرف سان هجي.

(۱) گوپال تمام تکڙو ڊوڙي ٿو (۲) توهين ڏاڍيان نه ڳالهايو (۳) هو تمام جلد هتي پهچندو (۴) سهڻان هرڪو هوريان نه ڳالهائي.

ظرف سان لاڳاپو رکندڙ لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ ٻئي ظرف سان لڳن ٿا تن کي به ظرف چئجي."

وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ:- هاڻي، هميشه، جلد، اڄ، سڀاڻي، ڪالهه، ورلي، ڪڏهن، هڪدم، نيٺ، اڃا، پهرين، ڪڏهن ڪڏهن وغيره

# "حرف جر"

اھڙا لفظ جي اسمن ۽ ضميرن جي پٺيان اچي سندن لاڳاپو ظاهر ڪن ۽ جملي جو پورو مطلب ڏيکارين تن کي حرف جر چئجي. حرف جر معنيٰ ڇڪيندڙ يا ملائيندڙ اکر.

## (۷) حرف جملو (جملن کي ڳنڍيندڙ اکر)

هيٺين ٻن نمونن وارا جملا پورا ڪري لکي ٻارن کان پڙهايو.

پهرين نمونو ———————— ٻيو نمونو

(۱) قلم مس ڪپڙي کڻي اچ. (۱) قلم (۽) مس ڪپڙي کڻي اچ.

(۲) مان اچان ها ڪم ٿي پيو. (۲) مان اچان ها (پر) ڪم ٿي پيو.

(۳) احمد عمر ڪتاب پڙهي ٿو (۳) احمد (يا) عمر ڪتاب پڙهي ٿو.

(۴) جان محمد اچ باغ ڏي هلون. (۴) جان محمد اچ (ته) باغ ڏي هلون.

(۵) آءٌ امتحان ۾ پاس ٿيس بيمار هوس. (۴) آءٌ امتحان ۾ پاس ٿيس (جيتوڻيڪ) بيمار هوس.

جملن پڙهڻ بعد ٻارن کي پڇايو ته پهرين نموني جا جملا اڻ وڻندڙ ۽ اڻپورا ڏسڻ ۾ اچن ٿا پر انهن کي

(٣) گل محمد ڪتاب وٺ      (٣) گل محمد جو ڪتاب وٺ

(٤) دلي پاڻي پري ڏي      (٤) دلي (مان) پاڻي پري ڏي.

(٥) تون مون هليو وڃ      (٥) تون مون وٽان هليو وڃ

مٿيان جملا پڙهڻ نموني ۾ لکيل آهن ته سهي ٿا، پر ٻئين نموني وارا جملا اڻ وڻندڙ ۽ اڌورا آهن. انهن کي وڻندڙ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ هرهڪ جملي جو پويون نمونو لاهي رکيل آهي ۽ انهن ۾ ڪي لفظ تي، تان ۽ جو، مان ۽ وٽان وڌيڪ وجهي جملن کي پورو ڪيو ويو آهي جنهن ڪري جملن مان پورو مطلب ظاهر ٿئي ٿو. پوءِ ٻارن کي ٻڌايو ته "اهڙا لفظ جي ٻين لفظن (اسم ۽ ضمير) جي پٺيان اچي انهن جو لاڳاپو ٻين لفظن سان ڏيکارين ۽ جملي جو پورو مطلب ظاهر ڪن ته انهن لفظن کي حرف جر چئبو."

پوءِ حرف جر جا ٻيا مثال جملن ۾ ٻارن کان چوائرائجن ۽ خالي جايون ڇڏي پوءِ ٻارن کان ڀرائجن جيئن پورو استعمال اچي وڃي.

حرف جر جا مثال:- جو، کي، کان، ۾، مان، تي،
منجهان، وٽ، ري، لاءِ، ڪون،
ساڻ، سان، کانسواءِ، سوڌو،
سميت، وانگر، وانگيان، واسطي وغيره.

(١) اڙي عارف! هيڏانهن اچ.
(٢) او ڇوڪرا! ٻاهر ڪاڻ پري ٿي ڇ.
(٣) اي احمد! مون سان گڏجي هل.

لفظن چونڊيا اُٺط ڪاڻيوءَ ٻارن کي پڙهايو ته اهي لفظ اڙي، او ۽ اي سڏ ڪرڻ ۾ ڪم اچن ٿا تنهن ڪري انهن کي حرف ندا چئجي ٿو.

جملا بورڊ تي لکو ۽ اهڙا لفظ چونڊايو جن مان سڏ جي معنيٰ نڪري.

(١) شاباس! اسان امتحان ۾ پاس ٿيون.
(٢) شل! بابو اچي ته راند ڪا ولون.
(٣) آمين! رب تعاليٰ اسان جو ڀاڳ چڱو ڪري.

لفظن چونڊيا اُٺط ڪاڻيوءَ ٻارن کي پڙهايو ته "جيڪي لفظ سڏ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي به حرف ندا چئجي."

جملا بورڊ تي لکو ۽ اهڙا لفظ چونڊايو جي افسوس يا ارمان جي معنيٰ ڏيکارين.

(١) هاءِ هاءِ! منهنجو دوست فوت ٿي ويو.
(٢) ارمان! مون کان اڳ ئي عرس هليو ويو.
(٣) افسوس! امتحان ۾ نمبر نه کٽي سگهيس.

لفظن چونڊيا اُٺط ڪاڻيوءَ ٻارن کي پڙهايو ته "جيڪي لفظ دل جي ارمان يا ڏک جي معنيٰ ڏيکارين تن کي به حرف ندا چئجي."

وڌندڙ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ ٻئي لفظن وارن جملن ۾ ۽
هر - يا - ته . جيتوڻيڪ لفظ وچهي لفظن ۽
جملن کي ڳنڍيندو ويو آهي ۽ جملن کي
وڌندڙ ڪيو ويو آهي. هوءِ ٻارن کي پڪ ايو ته "اهڙا
لفظ جي ٻن لفظن ۽ جملن کي پاڻ ۾ ڳنڍين ۽ وڌندڙ
ڪن ته انهن کي حرف جملو چئجي." هوءِ ٻارن کي ٻنهي
لفظن ۽ جملن جي ملائڻ جو استعمال پڻ ۾ اچي ۽
خالي جايون به ڀرائجن.

حرف جملي جا مثال :- ۽، يا، جي، جيڪڏهن، توڻي
توڙي، نه ته، ته به، پڻ، مگر
اگرچ، جنهن ڪري، تنهن هوندي
جيڪو وغيره.

## "حرف جملو"

"اهڙا لفظ جي ٻن لفظن ۽ ٻن جملن کي پاڻ ۾
ڳنڍين يا جدا ڪن ۽ انهن کي سهڻو بڻها رين تن کي
حرف جملو چئجي." حرف جملو معنيٰ جملن کي
ڳنڍيندڙ اکر.

### (٨) "حرف ندا"

(سڏ ڪرڻ يا دل جو اکر ظاهر ڪرڻ وارا اکر)

هيٺيان جملا پورب تي لکي اهڙا لفظ چونڊيو
جي سڏ ڪرڻ ۾ ڪتب اچن ٿا.

لفظ عجب جي معنيٰ ڏيکاريندا ته تن کي بہ حرف ندا چئجي. ٣٣

ان جا نمونا ٻارن کي ٻڌايو ته "اسان مٿي اهڙا جملا لکي آيا آهيون جن ۾ سڌ، سڌ، ارمان، خوشي، ڌڪار ۽ عجب جي معنيٰ نڪتي ۽ جملي کان الڳ بيٺا آهن تن کي حرف ندا چئبو آهي. ٣٣

حرف ندا جا مثال:- او، اڙي، اي، مَن، شل، شال، واهه واهه، آها ها، بيشڪ بيشڪ، هون، ڇي، ڇي ڇي، بلئي، مار، هاڻ، ڇا وغيره.

## حرف ندا

اهڙا لفظ جي جملي کان الڳ بيٺا هجن ۽ انهن مان سڌ، سڌ، ارمان، خوشي، ڌڪار ۽ عجب جي معنيٰ نڪري تن کي حرف ندا چئجي. حرف ندا معنيٰ سڏ ڪرڻ يا دل جي احوال ظاهر ڪرڻ وارا اکر.

## ڪلام جو دور

هر ڪا ٻولي اکرن مان جڙي ٿي ۽ سڀني اکرن جدا جدا آهن. انهي سنڌي ٻولي ۾ ڪل ٻاونجاهه اکر الف ب موجب آهن. اکرن مان لفظ. لفظن مان جملا ۽ جملن مان بيان ٿين ٿا. جملن جا ٻه قسم آهن.

۱- اڻپورا جملا ۲- پورا جملا.

جملا بورڊ تي لکي اهڙا لفظ چونڊايو جي خوشيءَ جي معنيٰ ڏيکارين.

(١) واهه واهه! اڄ ڪهڙو نه چڱو ڏينهن ٿيو آهي.

(٢) آها ها! ڏاڍا سٺا ڪپڙا پي ڪيا اٿئي.

(٣) بيشڪ بيشڪ! تو اڄ چڱي همت ڏيکاري آهي.

لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ خوشيءَ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي به حرف ندا چئجي."

بورڊ تي جملا لکي اهي لفظ چونڊايو جي ڌڪار جي معنيٰ ڏيکارين

(١) هون! ڪهڙو نه خراب ڪم ڪيو ٿيئي.

(٢) ڇي ڇي! ڪيتريون مکيون ماري ويو.

(٣) ٻلي! اهڙي ڪا ڪوڙ رهٽي آيو آهين جو چڙهت تو ڪرين.

لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي لفظ ڌڪار جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تن کي حرف ندا چئجي."

بورڊ تي جملا لکي اهي لفظ چونڊايو جي عجب جي معنيٰ ڏيکارين.

(١) مار! ڪيترن ڏينهن کان پوءِ آيو آهين.

(٢) هان! شيرخان جلد ئي مري ويو.

(٣) ڇا! تون به اسان جو دشمن ٿيو آهين.

لفظن چونڊائڻ بعد ٻارن کي ٻڌايو ته "جيڪي

(۵) ظرف:- اهڙا لفظ جي جملي ۾ فعل، صفت ۽ ٻين
ظرف سان لڳن ۽ منجهائن وقت، هنڌ
ريت قدر ۽ انڪار جي معنيٰ نڪري تن
کي ظرف چئبو آهي.

(۶) حرف جر:- اهڙا لفظ جي جملي ۾ اسمن ۽ ضميرن جي
پٺيان اچي سندن لاڳاپو ظاهر ڪن ۽
جملي جو پورو مطلب ڏيکارين تن کي
حرف جر چئبو آهي.

(۷) حرف جملو:- اهڙا لفظ جي ٻن لفظن ۽ ٻن جملن کي
گڏيندا يا جدا ڪن ۽ انهن کي سهڻو
بيهارين تن کي حرف جملو چئبو آهي.

(۸) حرف ندا:- اهڙا لفظ جي جملي کان الڳ بيٺا هجن
۽ انهن مان سڏ، سڏ، ارمان، خوشي،
ڌڪار ۽ عجب جي معنيٰ نڪري انهن کي
حرف ندا چئبو آهي.

# سنڌي ٻولي

ڳالهائڻ وارا لفظ اٺن قسمن جا آهن

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اسم | صفت | ضمير | فعل | ظرف | حرف جر | حرف جملو | حرف ندا |

ٻوليءَ جو دارومدار گرامر تي آهي. گرامر کي عربيءَ ۾ صرف ونحو سنڌيءَ ۾ وياڪرڻ چئبو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر جا لفظ اٺن قسمن جا آهن جن جا نالا عربي ٻوليءَ جا آهن.

١- اسم (نالو) ٢- صفت (گڻ، سارا، بيان) ٣- ضمير (ظاهر اسم جو عيوضي) ٤- فعل (ڪم ڪرڻ) ٥- ظرف (فعل جو پورائو ڪندڙ) ٦- حرف جر (ڇڪيندڙ يا ڳنڍيندڙ اکر) ٧- حرف جملو (جملن يا ڀاڱن کي ملائيندڙ اکر) ٨- حرف ندا (سڏ ڪرڻ يا دلي احوال بيان ڪرڻ وارا اکر)

(١) **اسم:-** اهڙا لفظ جي نالا هجن ماڻهن، ساهوارن شين، جاين، خاصيتن، ڪمن ۽ حالتن جا تن کي اسم چئبو آهي.

(٢) **صفت:-** اهڙا لفظ جي اسم جو گڻ، اوگڻ، انداز، قد يا مقدار ڏيکارين تن کي صفت چئبو آهي.

(٣) **ضمير:-** اهڙا لفظ جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن ۽ سهڻا لڳن تن کي ضمير چئبو آهي.

(٤) **فعل:-** اهڙا لفظ جي جملي ۾ هئڻ، ڪم ڪرڻ، سهڻ، ٿيڻ ۽ هئڻ جي معنيٰ ڏيکارين تن کي فعل چئبو آهي.

(۴) اوهين ڏيڍ گهڙي ڪوشش وٺي سگهو ٿا.

(۵) اسين ڪيتريون شيون اکين سان ڏسون ٿا.

(۶) انسان جنهن ڪم لاءِ همت ٻڌي سو ڪري سگهي ٿو.

(۷) ڪوڙو آدمي ڪنهن کي ٻرو نه ڀالائي.

(۸) توهين ڪيتري محنت ڪري سگهندو؟

(۹) شمشاد پنج هزار روپيا واپار ۾ فائدو ڪيا ٿو.

(۱۰) اسان کي ڏئي شال سگهه سو ڏٺي.

"ترڪيب لاءِ وڌيڪ هدايت"

ٻارن کي ترڪيب ڪرڻ وقت لفظن جون ظاهري صورتون ٻڌائڻ گهرجن ته گرامر موجب ڪين ڪهڙو نالو ڏجي ڇو ته ڪي لفظ ساڳي صورتئي وارا ان جڳهه تي معني جي لحاظ تي مختلف ٿين ٿا ۽ ٻيو انهن کي گرامر موجب ٻيو نالو ڏنو وڃي ٿو جيئن ته.

مثال

۱ ڏئي جي (وٺه) کي مٿي ڪر.
۲ هو (وٺ) مٿو بيٺو آهي.
۳ ٻوڙي ۽ کي (وٺ).

پهرئين جملي ۾ "وٺ" اسم آهي ٻئي جملي ۾ "وٺ" حرف جر آهي ۽ ٽئين جملي ۾ "وٺ" فعل آهي.

## ترڪيب

ٻارن کي پڙهايو تہ ٻولي اکرن مان ٺهي، اکر گڏجي لفظ جڙيا ۽ لفظ گڏجي جملا ٺهيا. جملي جا لفظ گرامر موجب ڌار ڌار نالن ۾ ورهائي سان ٿاهي رکڻ کي ترڪيب چئجي ٿو.

## ترڪيب - مثالي جملو

"شيرخان جو نئون ڪتاب اڄ عرس ڦاڙي ڇڏيو"

شيرخان — — اسم

جو — — — حرف جر

نئون — — — صفت

ڪتاب — — اسم

اڄ — — — ظرف

عرس — — اسم

ڦاڙي ڇڏيو — فعل

مٿين جملي جي ترڪيب ڪرائڻ کان پوءِ بورڊ تي ٻيا مثالي جملا لکي ٻارن کي گرامر جي انهن لفظن جو ڪم جو چڱو استعمال ڏيڻو آهي.

## استعمالي جملا

(۱) گل محمد! سڀاڻي شهر جي ٻاهران ميلو لڳندو.

(۲) گهڻا ماڻهو دوست ۽ دشمن کي هڪڙي طرح سڃاڻيندا آهن.

(۳) مان ۽ تون ٻئي ڄڻا گهرا دوست آهيون.

# امتحاني سوال

١- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اکر ڪم اچن ٿا ۽ اهي ٻڌايو؟

٢- لفظ ڪيترن اکرن گڏجڻ سان ٺهي ٿو؟

٣- جملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪيترا لفظ ٿين ٿا؟

٤- جملي جا قسم ٻڌايو؟

٥- پورو جملو ڇا کي چئجي ٿو؟

٦- جملن جو ميلاپ ڇا [illegible] ؟

٧- سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر جا لفظ ڪيترن قسمن ۾ ورهايل آهن ۽ انهن جا نالا ٻڌايو؟

٨- اسم جي معنيٰ ٻڌايو؟

٩- اسم ڇا کي چئجي؟

١٠- ماڻهن، شين، ڪمن ۽ خاصيتن جا نسو ڏئي مثال ڏيو؟

١١- صفت جي معنيٰ ٻڌايو؟

١٢- صفت ڇا کي چئجي؟

١٣- گڻ، انداز ۽ مقدار ڏيکاريندڙ لفظن جا ڏيئي

مثال (٢)

١ ڏاھڊ (جو) ڪتاب نئون آھي.

٢ اھو ماڻھو اڄ ٿو (جو) ڪالھ گڏيو ھو

٣ اڄ اسڪول ۾ آيس جو بابو ٻاھر ويل ھو

پھرئين جملي ۾ "جو" حرف جر آھي، ٻئي جملي ۾ "جو" ضمير آھي ۽ ٽئين جملي ۾ "جو" حرف جملو آھي.

مثال (٣)

١ ٽپالوليءَ جو ڪارڊ مھر آھي

٢ ڊنيا ڪارڊ ڏيان ته ڇڏجي

پھرئين جملي ۾ "ڪارڊ" اسم آھي ۽ ٻئي جملي ۾ "ڪارڊ" حرف جر آھي

مثال (٤)

١ بورچي سٺو (ڪاڙو) تيار ڪيو

٢ اڄ مون ڏڌ (ڪاڙو)

پھرئين جملي ۾ "ڪاڙو" اسم آھي ۽ ٻئي جملي ۾ "ڪاڙو" فعل آھي. اھڙي طرح ٻيا مثال ٻه ٻارن کي سمجھايا وڃن ۽ اھو مدار استاد تي آھي ته ھو گرامر کي چڱي اموني پاڙھي ۽ ٻارن کي ذھن نشين ڪرائي.

گرامر جو ڪم درجي چوٿين ۾ شروع ڪيو وڃي ٿو تنھنڪري استاد صاحبان نھايت خيال ۽ دلچسپيءَ سان گرامر پاڙھين ۽ ٻارن جو بنياد پختو ڪن.

۲٦- حرف جر ڇا کي چئجي.

۲۷- حرف جر جا چار مثال جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکاريو؟

۲۸- حرف جملي جي معنيٰ ٻڌايو؟

۲۹- حرف جملو ڇا کي چئجي؟

۳۰- حرف جملي جا پنج مثال جملن ۾ ڪم آڻيو؟

۳۱- حرف ندا جي معنيٰ ڇا آهي؟

۳۲- حرف ندا ڇا کي چئجي؟

۳۳- سڏ، خوشي ۽ عجب جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظن جا ٽي ٽي مثال جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکاريو؟

۳۴- گرامر ڇا کي چئجي ٿو؟

۳۵- ٻوليءَ جو گرامر سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

۳٦- ترڪيب ڇا کي چئجي ٿو؟

(۳۷) هيٺيان لفظ گرامر موجب ڇا ٿيندا؟

انسان، رضيه، ڏاڍهون، قلم، ڏاهو، محمد و قاتل، ٻ ٽي، گهڻا، ڪيترا، ٻ گهوڙا ڏاڍهون، اسين، اوهين، اهي، ڪاٺ، جيڪي، ڪهڙا، سي، ڪو، ڪنهن، ڪير، جيترو ٿورڪ، شال،

ٽي مثال ڏيو ؟

۱۴- ضمير جي معنيٰ ڇا آهي ؟

۱۵- ضمير ڇا کي چئجي ؟

۱۶- ضمير جا چار مثال جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکاريو ؟

۱۷- فعل جي معنيٰ ڇا آهي ؟

۱۸- فعل ڇا کي چئجي ؟

۱۹- فاعل ڇا کي چئجي ؟

۲۰- مفعول ڇا کي چئجي ؟

۲۱- ڪرڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظن جا ٽي ٽي مثال ڏيو ؟

۲۲- ظرف جي معنيٰ ٻڌايو ؟

۲۳- ظرف ڇا کي چئجي ؟

۲۴- وقت، جاءِ ۽ ناڪار جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظن جا ٽي ٽي مثال جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکاريو ؟

۲۵- حرف جر جي معنيٰ ٻڌايو ؟

ٻلي ٻلي ۽ ھون ھون، اکندا آھن ۽ وڃن ٿا،
نہ ڀڪاريندا، چوندا آھن، ونگر ڪانءَ سان.

٣٨- اھڙا ڪي جملا ٺاھيو جن ۾ ساڳيو لفظ اسم ٿئي ۽ وري فعل بہ ٿئي؟

٣٩- اھڙو لفظ ڳولھيو جو جملي ۾ اسم بہ ٿئي ۽ حرف جر بہ؟

٤٠- اھڙو لفظ ڳولھيو جو جملي ۾ ضمير بہ ٿئي ۽ حرف جر بہ؟

پورو ٿيو